روزاني
ايڈيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) اڱارو 29 آگسٽ 2023ع بمطابق 11 صفر 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 93

پي ٽي آءِ چيئرمين جي سزا معطل ٿيندي يا نه؟ فيصلو اڄ ٻڌايو ويندو

عمران خان طرفان توشه خانه ڪيس ۾ ٽرائل ڪورٽ جي سزا خلاف درخواست تي ٻڌڻي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق جهانگيري تي ٻڌل 2 رڪني بئنچ ڪئي

ڪيس جي ٻڌڻي شروع ٿي ته بئريسٽر علي ظفر تحريڪ انصاف چيئرمين سان ملاقات جي اجازت ڏيڻ جي اپيل ڪئي، جنهن تي چيف جسٽس چيو اميد آهي ته اڄ درخواست تي فيصلو ٿي ويندو

اليڪشن ڪميشن جي وڪيل امجد پرويز ايڊووڪيٽ سزا معطلي جي مخالفت ڪندي مختلف قانون ۽ عدالتي فيصلن جا حوالا پيش ڪيا

اليڪشن ڪميشن جي وڪيل جي دليلن ۾ مداخلت نٿو ڪرڻ چاهيان : تحريڪ انصاف چيئرمين جو وڪيل لطيف کوسا

تحريڪ انصاف چيئرمين وڪيل لطيف کوسا نواز شريف جي سزا معطلي جو حڪم بحال رکڻ جي سپريم ڪورٽ جي فيصلي جو حوالو ڏنو

عدالت دليل ٻڌڻ کانپوءِ عمران خان جي سزا معطلي جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. فيصلو اڄ ٻڌايو ويندو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ تحريڪ انصاف چيئرمين جي سزا معطلي جي درخواست تي ڏرين جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ فيصلو محفوظ ڪري ورتي. جيڪو سڀاڻي 11 وڳي ٻڌايو ويندو. عمران خان طرفان توشه خانه ڪيس ۾ ٽرائل ڪورٽ جي سزا خلاف درخواست تي ٻڌڻي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق جهانگيري تي ٻڌل 2 رڪني بئنچ ڪئي. ڪيس /بقايا پوڻ صفحو 2 نمبر 02

انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ اسپيشل انويسٽمينٽ فسيليٽيشن ڪائونسل جي ايپيڪس ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

سرمائيڪارن کي سازگار ماحول ۽ سهولتون ڏيڻ حڪومت جي ذميواري آهي: نگران وزيراعظم

ملڪ ۾ ٻاهرين سرمائيڪاري سان معاشي حالتن کي بهتر بنائي سگهجي ٿو، پهريون پيرو آهي ته ملڪي معيشت جي لاءِ هڪ ويزن نظر اچي رهيو آهي

نگران وزيراعظم جي صدارت هيٺ ٽيل اجلاس ۾ نگران وفاقي وزير، آرمي چيف جنرل عاصم منير ۽ عسڪري اختيارين به شرڪت ڪئي

نگران وزيراعظم ۽ ڪابينه کي ڪونسل بابت اجلاس ۾ بريفنگ ڏني وئي، فوڊ سيڪيورٽي جي وزارت، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ معدنيات جي سرمائيڪاري بابت معاملن تي اجلاس ۾ بريفنگ ڏني وئي

اجلاس دوران نگران وزير، ۽ عسڪري اختيارين طرفان سرمائيڪاري جي شعبن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ اسپيشل انويسٽمينٽ فسيليٽيشن ڪائونسل جي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جيو آهي ته سرمائيڪارن لاءِ سازگار ماحول ۽ سهولتون ڏيڻ حڪومت جي ذميواري آهي. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ ٽيل اجلاس ۾ نگران وفاقي وزير، آرمي چيف جنرل عاصم منير ۽ عسڪري اختيارين به شرڪت ڪئي. نگران وزيراعظم /بقايا پوڻ صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

سائفر ڪيس: شاهه محمود قريشي جي جسماني ريمانڊ ۾ 2 ڏينهن جي واڌ

شاهه محمود قريشي کي 3 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ مڪمل ٿيڻ تي سائفر ڪيس ۾ آفيشل سيڪرٽ ايڪٽ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

ان ڪيمرہ ٻڌڻي کان پوءِ عدالت شاهه محمود قريشي کي وڌيڪ 2 ڏينهن جي لاءِ جسماني ريمانڊ تي ايف آءِ اي جي حوالي ڪري ڇڏيو

نيب طرفان اسپيشل پراسيڪيوٽر ذوالفقار نقوي عدالت ۾ پيش ٿيو جڏهن ته شاهه محمود جي طرفان بابر اعوان ۽ شعيب شاهين پيش ٿيا

اسلام آباد (م ڊ) آفيشل سيڪرٽ ايڪٽ عدالت سائفر ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شاهه محمود قريشي جي جسماني ريمانڊ ۾ 2 ڏينهن جي واڌ ڪري ڇڏي آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهه محمود قريشي کي 3 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ مڪمل ٿيڻ تي سائفر ڪيس ۾ آفيشل سيڪرٽ ايڪٽ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. ان ڪيمرہ ٻڌڻي کان پوءِ عدالت شاهه محمود قريشي کي وڌيڪ 2 ڏينهن جي لاءِ جسماني ريمانڊ تي ايف آءِ اي جي حوالي ڪري ڇڏيو. نيب طرفان اسپيشل پراسيڪيوٽر ذوالفقار نقوي عدالت ۾ پيش ٿيو جڏهن ته شاهه محمود جي طرفان بابر اعوان ۽ شعيب شاهين پيش ٿيا /بقايا پوڻ صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: شاهه محمود قريشي کي سائفر ڪيس ۾ آفيشل سيڪرٽ ايڪٽ عدالت ۾ آندو پيو وڃي

بغاوت جو ڪيس: ايمان مزاري ضمانت تي آزاد ٿيڻ کان پوءِ اڊيالا جيل ٻاهران ٻيهر گرفتار

ايمان مزاري جي اڊيالا جيل مان آزاد ٿيڻ وقت اسلام آباد پوليس جيل جي ٻاهران موجود هئي جتي پوليس ڪيس ٻيهر گرفتار ڪري ورتو

اسلام آباد پوليس طرفان فوري طور تي ايمان مزاري جي گرفتاري جو ڪوبه سبب نه ٻڌايو ويو

ايمان مزاري کي باره ڪهو ٽاٽي ۾ داخل ڪيل ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي : ذريعا

راولپنڊي (م ڊ) پي ٽي آءِ جي اڳواڻ شيرين مزاري جي ڌيءَ ايمان مزاري کي هڪ دفعو ٻيهر گرفتار ڪيو ويو آهي. گرفتار ڪيو ويو آهي، اسلام آباد جي عدالت بغاوت ۽ چوڌ ڏيارڻ جي ڪيس ۾ اڄ ايمان مزاري جي ضمانت منظور ڪئي هئي جنهن کان پوءِ جي ضمانت منظور ڪئي هئي جنهن کان پوءِ ايمان مزاري کي اڊيالا جيل جي پوليس ڪيس ٻيهر گرفتار ڪري ورتو /بقايا پوڻ صفحو 2 نمبر 09

ايمان مزاري ضمانت تي آزاد ٿيڻ کان پوءِ اڊيالا جيل ٻاهران ٻيهر گرفتار ڪيو ويو آهي

عمران خان کي جيل ۾ ڏنل سهولتن بابت سرڪاري رپورٽ سپريم ڪورٽ ۾ جمع

اٽارني جنرل چيف جسٽس آف پاڪستان عمر عطا بندیال جي چيمبر ۾ مهر لڳل رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي

مظاهرہ جسٽس منصور علي شاهه جي چيمبر ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين کي جيل ۾ ڏنل سهولتن بابت رپورٽ جمع ڪرائي وئي :ذريعا

پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان کي جيل ۾ ڏنل سهولتن بابت رپورٽ سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. اٽارني جنرل اسلام آباد (م ڊ) اٽارني جنرل پي ٽي آءِ چيئرمين کي جيل ۾ ڏنل سهولتن بابت رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. اٽارني جنرل پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان کي جيل ۾ ڏنل سهولتن بابت رپورٽ سپريم /بقايا پوڻ صفحو 2 نمبر 10

صحت بابت عالمي اداري پاڪستان ۽ افغانستان ۾ پوليو جي وڌندڙ ڪيسز تي ڳڻتي جو اظهار ڪري ڇڏيو

پاڪستان ۾ هن وقت به هارن جو وڏو اڻ پوليو جا قڙا پيئڻ کان محروم آهي: پوليو ايمرجنسي ڪميٽي

سياسي عدم استحڪام، امن امان جي صورتحال پوليو جي خاتمي ۾ رندڪ بٽيل آهي

افغانستان ۾ پوليو پروگرام جي ناڪامي پاڪستان لاءِ ڏنل پوليو پروگرام کي خطري ۾ وجهي سگهي ٿي

اسلام آباد (م ڊ) صحت بابت عالمي اداري (ڊبليو ايڇ او) جي پوليو ايمرجنسي ڪميٽي پاڪستان ۽ افغانستان ۾ پوليو جي وڌندڙ ڪيسز تي ڳڻتي جو اظهار ڪري ڇڏيو آهي. صحت بابت عالمي اداري جي پوليو ايمرجنسي /بقايا پوڻ صفحو 2 نمبر 15

ايم ڪيو ايم وفد جي چيف اليڪشن ڪمشنر سان ملاقات: ڪراچي جون قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جون سيٽون وڌائڻ جو مطالبو

ايم ڪيو ايم پاڪستان جي وفد چونڊن جي معاملي تي چيف اليڪشن ڪمشنر سان ملاقات ڪئي

ايم ڪيو ايم پاڪستان چيو آهي ته ڪراچي جي ماڻهن جو آئيني ۽ قانوني حق ڏنو وڃي : ذريعا

ڪراچي ۾ قومي اسيمبلي جون 2، صوبائي اسيمبلي جون 4 کان 6 سيٽون وڌايون وڃن

ڪراچي (رپورٽر) چيف اليڪشن ڪمشنر سان ايم ڪيو ايم وفد ملاقات ڪئي آهي. ايم ڪيو ايم وفد ڪراچي ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي سيٽن ۾ واڌ جو مطالبو ڪري چڪو آهي. وفد ۾ ڪنوينر خواجه اظهار الحسن، ڪنوينر ڪميٽي ڪنور نوید، ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر فاروق ستار، ڊپٽي ڪنوينر ڪاشف مقبول چغتائي، ڊپٽي ڪنوينر عامر ضياء، ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر محمد فيصل، ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر صغير احمد، ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر نسرين جليل، ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر سيد عبدالله، ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر فريد پراچا، ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر فرحان انور، ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر فرحت مرزا، ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر فرحت منظور، ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر فرحت ميمڻ

پرياستي ۽ انساني حقن ۽ قانون جي صوبائي وزير محمد عمر سومرو جي مان ۾ آڇياٿو

سنڌ بار جي ميمبرن عبدالستار لهراڻي، عبدالرزاق مهر، ڊسٽرڪٽ بار جي صدر ايار مري پين شرڪت ڪئي

شهيد فاطمه قرڙو ۽ شهيد صحافي جان محمد مهر جي جويدارن کي منتقي انجام تائين پهچايو ويندو : محمد عمر سومرو

سپ کي اهو سمجهي ٿو ته اسان ٽن مهينن لاءِ نه آيا آهيون اهي ڇهه مهينا به ٿي سگهن ٿا پر مان پنج سال سمجهي ڪم ڪري رهيو آهيان

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) تعلقا بار پرياستي ۽ انساني حقن ۽ قانون جي صوبائي وزير محمد عمر سومرو جي ميمبرن عبدالستار لهراڻي، نثار ناياب ملاح پاران آڇياٿو ڏنو ويو جنهن ۾ سنڌ بار جي ميمبرن عبدالستار لهراڻي، عبدالرزاق /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز : نگران صوبائي وزير تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

- نئون ديرو ۾ شهري جي رياض ميراڻي جي نياڻي غلام فاطمه فوت ٿي وئي

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) نئون ديرو پرسان گورنمينٽ هاءِ سيڪنڊري اسڪول جي پرسان جي رهواسي رياض ميراڻي جي نياڻي غلام فاطمه فوت ٿي وئي آهي. فوت ٿي ويل نينگري فاطمه جي وارثن پاران سنڌس علاج ڪندڙ ڊاڪٽر مٺان غفلت جو الزام لڳايو آهي. ان ڏس ۾ فوت ٿي ويل نينگري جي چاچي نور ميراڻي /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين : رفتار ويگو جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر نينگر فوت، 2 زخمي

نندو شهر ٽر ڪول روڊ تي موٽر سائيڪل سوارن جي مٺان تيز رفتار ويگو چڙهي وئي

حادثي سبب موٽر سائيڪل سوار 12 ورهين جو حشر باجوا موقعي تي فوت ٿي ويو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) نندو ٽرڪول روڊ تي تيز رفتار ويگو جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر 12 سالا نينگر حشر باجواه فوت ، به ڇڻا جنيد باجواه ۽ پولا باجواه سخت زخمي تفصيل مرحب نندو شهر ٽر ڪول روڊ تي موٽر سائيڪل سوارن جي/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ جي هفتيواري دستوري گڏجاڻي

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ معاشرتي برائن ۽ انساني ظلمن جو پرپور اظهار ملي ٿو : آڳواڻ

پيرن وڏيرن ۽ جاگيردارن هيلمين ۽ پورهيت ماڻهن سان هر حڪومتي دور ۾ ويل وهايا آهن

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ معاشرتي برائن ۽ انساني ظلمن جو پرپور اظهار ملي ٿو.پيرن وڏيرن ۽ جاگيردارن هيلمين ۽ پورهيت طبقي جي ماڻهن سان هر حڪومتي دور ۾ ويل وهايا آهن ۽ حڪومتي ڏيرن/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر : سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي دوران آڳواڻ ڳالهائي رهيا آهن

ايس ايس پي نوشهروفيروز عوامي شڪايتن جو نوٽيس وٺي ڇڏيو

اسڪول جي ٽائيم تي ڪجهه اٻوش نوجوان اسڪول جي نياڻين کي تنگ ڪن ٿا : شهري

پوليس اسڪول جي موڪل ٽائيم تي ڪجهه اٻوش نوجوانن کي گرفتار ڪري ورتو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)ايس ايس پي نوشهروفيروز (ر) ڪيپٽن صدام حسين خاصخيلي،ڊي ايس پي مورو يار محمد رند عوامي/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 35

بدين ۾ يوريا پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ برقرار

انتظاميا ناڪام، واپارين پاران سپاٽي بدين ۾ تاريخي ڏڻي جو اعلان

اسان جو احتجاج مطالبن جي مڃتا تائين جاري رهندو : واپاري

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ۾ يوريا پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ برقرار انتظاميا ناڪام واپارين پاران سپاٽي بدين ۾ تاريخي ڏڻي جو اعلان ڪيو. جڏهن تفصيل موجب بدين ۾ ضلع ڪائونسل بدين/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 34

دادو جي يوسي الهه آباد جي نئين چونڊ جي آيل باڊي جو پهريون اجلاس

يوسي جي مختلف مسئلن تي غور وبچار ڪرڻ بعد مچرمار اسپري ڪرائڻ جو بل پاس

يوسي جي ڪونڊن جي پٽ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون جاري رهنديون : آڳواڻ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي يوسي الهه آباد جي نئين چونڊ جي آيل باڊي جو پهريون اجلاس چيئرمين عبدالرحمان پنهور جي صدارت ۾/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 33

دادو : گڏجاڻي دوران آڳواڻ جورڻل گروپ فوٽو

مانجهند تعلقي اسپتال ۾ ڊاڪٽرن دوائن جي ڪوٽ ۽ مبينا ڪرپشن خلاف اختيارين کي درخواستون ڏيڻ جو فيصلو

ايس يو پي آڳواڻ پاران وزير اعلىٰ سنڌ، چيف سيڪريٽري سنڌ، سيڪريٽري هيلٿ، ڊي جي هيلٿ حيدرآباد کي درخواستون ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسپتال ۾ ڊاڪٽرن اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن ليڊي ڊاڪٽرن جي ڪوٽ آهي گائني وارڊ ايمرجنسي وارڊ اڪين جي وارڊن ۾ ڪوبه فرنيچر ۽ عملو مقرر ناهي : آڳواڻ

انٽرا سامونڊ ايڪسري ۽ ڪيمسٽري ٽيسٽن جي ڪا به سهولت ميسر ناهي، دوائون نقلي ڪمپنين کان خريد ڪري لکين روپيا ڪميشن ناهي وڃي ٿي

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)مانجهند تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن دوائن جي ڪوٽ ۽ مبينا ڪرپشن خلاف ايس يو پي آڳواڻ پاران اعليٰ اختيارن کي درخواستون ڏيڻ جو فيصلو تفصيل مرحب مانجهند تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن سهولتن /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 06

- ٽري ميرواهه ۾ منشيات فروش جي ظلم خلاف نوجوان پريس ڪلب پهتو

مانجهند : گڏجاڻي دوران آڳواڻ ڳالهائي رهيا آهن

ٽري ميرواهه(رپورٽ)منشيات فروش جي ظلم خلاف فيض گنج جو نوجوان پريس ڪلب ٽري ميرواهه پهتو، احتجاج ڪندي نوجوان قادربخش رنڙ چيو آهي ته بااثر شخص محمود رنڙ گروٽ حاڪم رنڙ ۾ سرعام منشيات هلائي نوجوان نسل تباه ڪري رهيو آهي جڏهن ته بااثر شخص قادربخش رنڙ خلاف ڪافي ڪيس به داخل ٿيل آهن /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 05

اسلام ڪوٽ ۾ تعلقي ايجوڪيشن جي گڏيل سهڪارسان تعليمي جاگرتا جي ريلي

اسان راجوڙو يوسي جي گورنمينٽ جي پرائمري اسڪولن ۾ تعليم تي ڪم ڪري رهيا آهيون : آڳواڻ

ايس آءِ ايف پنهنجي وس آهر تعليم جي بهتري لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ چاچرو تعلقي جي مختلف ڳوڻن ڳوٺ حيات هالي پوٽو، پڳيسل، ٽهارو پيل ۽ راجوڙو جي اسڪولن ۾ ايس آءِ ايف ۽ تعلقي ايجوڪيشن جي گڏيل سهڪار سان تعليمي جاگرتا جي ريلي ڪڍي وئي تعليمي سال 2023_2024 جي نئين داخلا جي مهر بابت پوري ڳوٺ ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان ريلي ڪڍي /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪراچي جي مواڇ ڳوٺ ۾ تعليم دشمنن اسڪول تي قبضو ڪري قديمي بلڊنگ ڪيرائي چڏي

قديمي اسڪول تي قبضا مافيا ٽولي جو قبضو اسڪول جي بلڊنگ ڊاهي پٽ ڪري چڏي، ٻارن جي تعليم تباهه

تعليم دشمنن اسڪول تي قبضو ڪري معصوم ٻارڙن کي تعليم جي زيور کان محروم ڪيو آهي : سڃاڻ ڏريون

قبضا مافيا اسڪول جي بلڊنگ ڊاهي پٽ ڪري چڏي آهي جنهن تي ڊي او ڪيماڙي کي به هٿوٽو نه پيو ٻاري

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي جي علاقي بلديا ٽائون مواڇ ڳوٺ ۾ تعليم دشمنن اسڪول تي قبضو ڪري قديمي بلڊنگ ڪيرائي چڏي ڪيترائي معصوم ٻارڙا تعليم جي زيور کان محروم ٿي رهيا جماعت اسلامي جي واقعي خلاف مذمت تفصيل موجب ڪراچي ضلعي ڪيماڙي علاقائي مڪين جي صدر علي شاه پرسان قائم قديمي اسڪول تي قبضا مافيا /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 08

- سکر ۾ ڳوٺائي پاران پاڻ جي ذاڏاڻن خلاف جي ڏاڏاين خلاف احتجاج، انصاف جي گهر

ڪراچي : اسڪول تي قبضي خلاف رهواسي ميديا سان ڳالهائي رهيا آهن

سکر(بيورو رپورٽ) پاڻ جي ذاڏاڻن خلاف سکر جي گوليسار واري علاقي ڳوٺ ڪريم بخش شيخ جي رهواسي غلام حيدر شيخ ولد مرحوم سرور شيخ ايس ايس پي آفيس سکر ۾ درخواست داخل ڪرائڻ بعد احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ته سنڌس وڏو پاڻ محمد امين شيخ بلاڳاڻ گهر ۾ داخل ٿي مهنجي گهرواري ۽ ٻارن کي /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 09

دڙو پرسان مبينا گم ٿيل 16 سالن جي ڇوڪرو نوجوان جو ڇڇريل لاش ساريال جي فصل مان هٿ

5 ڏينهن اڳ مبينا طور گم ٿيل 16 سالن جي ڇوڪرو نوجوان اصغر پٽ مصري منگسي جو لاش پراسرار طور ڳوٺ جي ساريال واري فصل مان مليو

نوجوان جي گمشدگي جي رپورٽ سنڌس والد مصري مگسي جي فرياد تي ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي هئي. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

نوجوان جي پوسٽ مارٽم بعد ڪجهه ٻڌائي سگهجي ٿو ته نوجوان جو موت ڪيئن ٿيو آهي : ايس ايڇ او قربان عباسي

دڙو (رپورٽ/ شوڪت ميمڻ) دڙو پرسان لاڙڪاڻه جي ڳوٺ صالح محمد مگسي ۾ افسوسناڪ واقعو..!! 5 ڏينهن اڳ مبينا گم ٿيل 16 سالن جي ڇوڪرو نوجوان جو ڇڇريل لاش ساريال جي فصل مان هڻ. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام. تفصيل موجب دڙو لڳ لاڙڪاڻه جي ڳوٺ صالح محمد مگسي ۾ افسوسناڪ واقعو..!! 5 ڏينهن اڳ مبينا گم ٿيل 16 سالن جي ڇوڪرو نوجوان اصغر پٽ مصري منگسي جو لاش پراسرار طور ڳوٺ جي ساريال واري فصل مان مليو. نوجوان جي گمشدگي جي رپورٽ سنڌس والد مصري مگسي جي فرياد تي ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي هئي. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام. نوجوان جي پوسٽ مارٽم بعد ڪجهه ٻڌائي سگهجي ٿو ته نوجوان جو موت ڪيئن ٿيو آهي : ايس ايڇ او قربان عباسي محمد مگسي مان 5 ڏينهن اڳ مبينا طور گم ٿيل 16 سالن جي ڇوڪرو نوجوان اصغر پٽ مصري منگسي /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو پرسان ڳوٺ لال بخش پنهور جي رهواسي پاران احتجاج

2010 واري مها ٻوڏ ۾ منهنجو گونگو اغوا ٿي ويو جيڪو اڃا بازياب ناهي ٿيو : خان محمد پنهور

پٽ جي صدمي ۾ سنڌس ماءُ روئي روئي گذاري وئي، نوٽيس وٺي پٽ کي بازياب ڪرايو وڃي

دادو(ن سنڌيار) دادو تعلقي جي ڳوٺ لال بخش پنهور جو رهواسي خان محمد پنهور دادو پريس ڪلب ٻهڪي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج آهي پٽ جي صدمي ۾ سنڌس ماءُ روئي روئي گذاري وئي، نوٽيس وٺي پٽ کي بازياب ڪرايو وڃي ڏانهين 2010 واري مها ٻوڏ ۾ منهنجو گونگو پٽ خادم پنهور کي نامعلوم ماڻهو اغوا ڪري ريا جيڪو اڃ تائين بازياب نه ٿي سگهيو /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 11

دادو جي استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ وٽڪاري مهم جو افتتاح

ڪاليج ۾ وڻ هٽن واري ڪاوش تي پروفيسر پرنسيپال محمد عرفان ڪلهوڙو کي سلام ٿو پيش ڪيان : وسير ڪوکر

وقت جي ضرورت آهي ته سنڌ جي 30 ضلعن ۾ وٽڪاري مهم زور شروع ڪئي وڃي جيئن ماحولياتي آلودگي کان بچي سگهجي

ڪنهن ملڪ جي ڪل آراضي جو 35 سيڪڙو ٻيلا هجڻ ضروري آهي، برسات جي پوڻ جو وڏو ذريعو زمين تي ساوڪ يا ٻيلا هجڻ آهي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ سرسبز سنڌ خوشحال پاڪستان وٽڪاري مهم جي حوالي سان ۽ سنڌ جي ماحولياتي آلودگي ۽ زير زمين ملي پاڻي جي قلت کي محسوس ڪندي اڄ استادن، شاگردن ۽ سول سوسائٽيءَ جي نمائندن جي ڀرپور تعاون سان ڪاليج ۾ وٽڪاري مهم جو آغاز ڪيو. ان موقعي تي ڪاليج جي ڪيمپس ۾ ڪجهه ٻوٽا پوکيا ويا. /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو : استاد بخاري ڪاليج ۾ وٽڪاري مهم جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

- بدين جي ڊي اي او آفيس مان موٽر سائيڪل چوري ٿيڻ خلاف احتجاج، انصاف جي گهر

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڊي اي او آفيس مان موٽر سائيڪل چوري ٿيڻ خلاف ڪلارڪن ۽ ملازمن جو احتجاج بدامني ختم ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب بدين شهر جي الله والا چوڪ تي قائم ڊي اي او آفيس مان ڪلارڪ قادر بخش پٽي جي ڊيوٽي لڪ ماليت جي سي ڊي موٽر سائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري ڪاهي /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽاروشاهه ۾ نجي ميڊيڪل سينٽر تي ڊاڪٽر جي غلط سبب معصوم ٻار مرٽينگ، احتجاج

پورهت کان 24 هزار روپيا زبردستي وٺي ڪيس ڪٽنتي جوڳي حالت ۾ ٻارڙي کي اسپتال مان ٻاهر ڪڍي چڏيو

ڪوريج تي آيل صحافين سان اسپتال انتظاميه ۽ ڊاڪٽرجون ڏمڪيون، وارثن پاران ڊاڪٽر خلاف ڪارروائي جي گهر

ڊاڪٽر ۽ سندس انتظاميا خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو : وارث

ٽاروشاهه(رپورٽر) ٽاروشاهه ۾ نجي ميڊيڪل سينٽر تي ڊاڪٽر جي غلط سبب معصوم ٻار مرٽينگ. ڊاڪٽر پاران پورهت ڪان 24 هزار روپيا زبردستي وٺي ڪيس ڪٽنتي جوڳي حالت ۾ ٻارڙي کي اسپتال مان ٻاهر ڪڍي چڏيو ڪوريج تي آيل صحافين سان اسپتال انتظاميه ۽ ڊاڪٽرجون ڏمڪيون، وارثن پاران ڊاڪٽر خلاف ڪارروائي جي گهر ڪري ريا جيڪو اڃ تائين بازياب نه ٿي سگهيو /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين ۾ پنهور ۽ سيد برادرين جي ڳوٺائن پاران اين آر ايس پي جي خلاف احتجاجي مظاهرو

اسان جي يوسي ۾ گزريل 12 سالن کان اين آر ايس پي جي طرفان امدادي سرگرميون هلي رهيون آهن : مظاهرين

رڪشا ٻڪرين ۽ امدادي سامان لاءِ شناختي ڪارڊ ۽ فارمن تي صحيحون ورتيون ويون هنيون پر ڪا به امداد نه ڏني وئي آهي

احتجاج ڪرڻ تي بااثر ماڻهو ڳوٺائن کي مارڻ لاءِ سندن پيچرو ڪري ڏمڪائي امداد تان هٿ کڻڻ جون ڏمڪيون ڏئي رهيا آهن

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ پنهور ۽ سيد برادرين جي ڳوٺائن پاران اين آر ايس پي جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب بدين پهتا. مظاهرين جو چوڻ هو ته اين آر ايس پي جي طرفان اسان جي يوسي ۾ گزريل 12 سالن کان امدادي سرگرميون هلي رهيون آهن پر هاڻي اوچتو اسان جي ڳوٺن جي ماڻهن کي رڪشا ٻڪرين ۽ امدادي سامان لاءِ شناختي ڪارڊ ۽ فارمن تي صحيحون ورتيون ويون هنيون پر ڪا به امداد نه ڏني وئي آهي ۽ احتجاج ڪرڻ تي بااثر ماڻهو ڳوٺائن کي مارڻ لاءِ سندن پيچرو ڪري ڏمڪائي امداد تان هٿ کڻڻ جون ڏمڪيون ڏئي رهيا آهن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب بدين پهتا. مظاهرين جو چوڻ هو ته اين آر ايس پي جي طرفان اسان جي يوسي ۾ گزريل 12 سالن کان امدادي سرگرميون هلي رهيون آهن پر هاڻي اوچتو اسان جي ڳوٺن جي ماڻهن کي رڪشا ٻڪرين ۽ امدادي سامان لاءِ شناختي ڪارڊ ۽ فارمن تي صحيحون ورتيون ويون هنيون پر ڪا به امداد نه ڏني وئي آهي ۽ احتجاج ڪرڻ تي بااثر ماڻهو ڳوٺائن کي مارڻ لاءِ سندن پيچرو ڪري ڏمڪائي امداد تان هٿ کڻڻ جون ڏمڪيون ڏئي رهيا آهن موحب بدين پرسان رهندڙ سيد ۽ پنهور برادري جي ماڻهن کالا پريس ڪلب جي آڳيان احتجاجي /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 19

بدين : ڳوٺائا پريس ڪلب آڳيان احتجاج ڪري رهيا آهن

- ڇوهڙ جمالي ۾ راشن جي غلط ورهاست ڪرڻ ۽ من پسند ماڻهن کي ڏيڻ خلاف احتجاجي ريلي

ڇوهڙ جمالي(رپورٽر) ڇوهڙ جمالي شهر ۾ روينيو عملي پاران راشن جي غلط ورهاست ڪرڻ ۽ من پسند ماڻهن کي ڏيڻ خلاف پيپلز هاري ڪميٽي ۽ مستحق عورتن پاران ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو. روينيو عملي پاران حيات فائونڊيشن جي مرڪليل امدادي راشن ۾ روينيو عملي پاران پنهنجا نوازي ۽ من پسند ماڻهن کي راشن ڏيڻ خلاف/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر ۾ بجلي جي بلن خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

سماجي فورم جي ڪارڪنن دوڪاندارن ۽ سماجي ورڪرن واڌو بجلي جي بلن خلاف احتجاج ڪيو

واپڊا جا آفيسر ۽ ملازم انتهائي رشوت خور ڪرپٽ ۽ بدعنوان آهن ڪير به ڇڪ واروناهي : مظاهرين

عام ماڻهو ۽ مزدور طبقو وڌي ويل مهانگائيءَ ۾ پيٽ پرڻ لاءِ پريشان آهي هوڪتان گرا بل ادا ڪندو

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سماجي فورم جي ڪارڪنن دوڪاندارن ۽ سماجي ورڪرن واڌو بجلي جي بلن خلاف شهر جي گهنٽا گهر چوڪ تي احتجاج ڪيو ۽ ان احتجاج جي قيادت ڪندڙ نامياري صحافي اديب مجيد نواز، مغل واپاري آڳواڻ اشفاق راجپوت طارق مغل ۽ ٻين ڪئي. هنن ان موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته سيپڪو(واپڊا) جو ادارو عوام دوست ادارو ٿڻ ڪري ڪاروبار ۽ گهريلو صارفين کي ڪوبه رليف پهچائڻ بجاءِ ڏڪ ڏيڻ ۾ مصروف آهي. /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪوٽ غلام محمد ۾ استحڪام پاڪستان و فضائل علم و علماءِ ڪانفرنس منعقد

ڪانفرنس ۾ شهر جي علماءِ ڪرام، سياسي سماجي آڳواڻن، شهرين ۽ صحافين وڏي اڻگ ۾ شرڪت ڪئي

شهر جي پلائي ۽ هوڙ توڙي ڪورونا جهيڙي ويا دوران سماجي پلاءِ طور ڪم ڪندڙ شخصيتن کي ايوارڊ ڏنا ويا

چيئرمين ميان امجد سعيد شفيق احمد، پي ٽي آءِ آڳواڻ علي رضا عادل علي ساند ايياز عرف راجو يونس خان ۽ ٻيا موجود هئا

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد جي قائم خاني هال ۾ سيرت النبي ڪميٽي جي چيئرمين مفتي محمد آصف خاصخيلي ۽ شيخ الحديث مفتي حبب الله ، مناظر اسلام مفتي انس راجپر ۽ ٻين خطاب ڪيو. جڏهن ته ڪانفرنس ۾ شهر جي علماءِ ڪرام، سياسي سماجي/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪوٽ غلام محمد : ڪانفرنس دوران شيلڊون ڏيندي ٻيون وڃن

- نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ سانول پٽو جي رهواسي پٽا برادري پاران بااثر خلاف مظاهرو، نعريبازي

نوشهروفيروز(ڊ ر)نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ سانول پٽو جي رهواسي پٽا برادري جي ماڻهن پاران بااثر وڏيرن ۽ پوليس جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ۽ نعري بازي ٻڌ ڪئي مظاهرين جن جي آڳواڻي مظهر پٽو، اشرف علي، شاهنواز ۽ معروف پٽو ڪري رهيا هيا جن ميديا آڳيان دانهيندي چيو ته ڳوٺ جي وڏيرن اظهر /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٻيرلوءِ ۾ مختلف تنظيمن پاران سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

بدامني، قتل و غارت، مقتول جان محمد مهر، فاطمه قرڙو جي قاتلن جي عدم گرفتاري ۽ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو ويو

معصوم نياڻي فاطمه قرڙو کي زيادتي بعد قتل ڪيو ويو جنهن جي مرڪزي جوابدار حنا شاهه گرفتار نه ٿي سگهي آهي : مظاهرين

فوري طور تي صحافي جان محمد مهر ۽ فاطمه قرڙو جي اصل قاتلن گرفتار ڪيو وڃي ۽ پريا ڪماري کي بازياب ڪرايو وڃي

ٻيرلو(رپورٽر) مختلف تنظيمن پاران سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، قتل و غارت، مقتول جان محمد مهر، فاطمه قرڙو جي قاتلن جي عدم گرفتاري ۽ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو ويو. مظاهرين مطالبو ڪيو. ڊرٿي دوران قومي شاهراهه جي هڪ پاسي ڪلاڊين جون ڏڪيون ڦڙڪيون لڳي ويون /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 30

ايندڙ چونڊن ۾ پ پ حڪومت ناهيندي : ڊاڪٽر شازيه صوبيه اسلم سومرو

پاڪستان پيپلزپارٽي وٽ عوام جي مسئلن ۽ انهن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪافي مهارت موجود آهي

پاڪستان جي معيشت جي هاٿوڪي بگڙيل صورتحال کي سنيالڻ تمام ڏکيو آهي

چيئرمين بلاول پٽو زرداري پاڪستان جي ٻڌندڙ معيشت جي ڪي بهتري طرف کڻي ويندو

سکر(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي آڳواڻي ايم اين اي ڊاڪٽر شازيه صوبيه اسلم سومرو، ڊاڪٽر عابده آفتاب سومرو، ايڊووڪيٽ ياسمين چاچڙ، سيدا زهرا شاهه، محترمه شاهجهان شيخ ۽ ٻين پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ جي /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر : گڏجاڻي دوران آڳواڻ عورتن جو ورڻل گروپ فوٽو

- ٽري ميرواهه ۾ پ پ پاران جي عهدا ملڻ تي گڏجاڻي

ٽري ميرواهه(رپورٽر) تعلقي ٽري ميرواهه ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي پاران مدر ونگ ۽ لغاري برادري کي عهدا ملڻ تي لغاري برادري پاران گڏجاڻي ڪري مٺائي تقسيم ڪئي وئي. پاڪستان پيپلزپارٽي پاران استاد حاجي ارشاد علي لغاري کي نائب صدر ۽ استاد غلام شبير لغاري کي سينئر نائب صدر طور مقرر ڪرڻ تي لغاري /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 15

شڪارپور ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران بدامني خلاف ٽي روزه ڪيمپ قائم

امن امان جي حوالي سان لڪيدر گهنٽا گهر تي ٽن ڏينهن جي اعلانيل احتجاجي ڪئمپ جاري

شهرين کي تحفظ ڏيو، شڪارپور مان غنڊا راج ختم ڪيو جا ايڊريسڊ نعرا پٽ هنيا ويا

سڃاڻ ڏرين پوليس تي عدم اعتماد جو اظهار ڪندي ڪيس بدامني ۽ جو ذميوار قرار ڏنو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) سنڌي ادبي سنگت شاخ شڪارپور پاران امن امان جي حوالي سان لڪيدر گهنٽا گهر تي ٽن ڏينهن جي اعلانيل احتجاجي ڪئمپ جاري آهي. جتي ٻئي ڏاڙي به شهر ۽ ضلعي جي وڏي تعداد ۾ مختلف سياسي، /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين ۾ ايس ٽي پي پاران بدامني، منشيات ۽ ڪارڪن تي ڪوڙن ڪيس خلاف احتجاج جاري

ايوان صحافت جي آڳيان شاهنواز سيال، غلام قادر مراداڻي، ياسر سيال، ڪفايت سنڌي ۽ ٻين جي آڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ضلعي ۾ چورين ڦرن ڌاڙن جي وڌندڙ وارداتن ۽ پوليس جي ناڪامين ڪانپوءِ شهري راتيون جاڳي گذاري رهيا آهن : مظاهرين

منشيات بند ڪرائي ٽاڻن تي سٽي ساڪ وارن آفيسرن کي مقرر ڪري چورين ڦرون ڌاڙا بند ڪرائي واهر ڪئي وڃي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ايس ٽي پي جي پاران ڪالهه پنجين ڏينهن ضلع ۾ وڌندڙ بدامني منشيات ۽ ڪارڪن تي ڪوڙن ڪيس خلاف احتجاجي ڪئمپ تي آڳيان شاهنواز سيال غلام قادر مراداڻي ياسر سيال ڪفايت سنڌي ۽ ٻين جي آڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري 4 ڪلاڪ ايوان صحافت جي آڳيان شاهنواز سيال غلام قادر مراداڻي ياسر سيال ڪفايت سنڌي ۽ ٻين جي آڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب بدين پهتا. مظاهرين جو چوڻ هو ته ڪجهه ڏينهن کان بدين شهر ۾ ڦرين چورين ۽ ڦرن ڌاڙن جي وڌندڙ وارداتن ۽ پوليس جي ناڪامين ڪانپوءِ شهري راتيون جاڳي گذاري رهيا آهن. منشيات بند ڪرائي ٽاڻن تي سٽي ساڪ وارن آفيسرن کي مقرر ڪري چورين ڦرون ڌاڙا بند ڪرائي واهر ڪئي وڃي احتجاجي ڪئمپ تي علامتي بک هڙتال ڪئي ويئي هن موقعي تي آڳواڻن جيڏ بدين ضلعي ۾ /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 23

بدين : ايس ٽي پي آڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

- جوهي ٻڌراج جي پڇڙي جي شاخن ۾ زرعي پاڻي نه پهتو، ايريگيشن ايس ڊي او انجنيئر ۽ پاڻي چورن خلاف احتجاج

جوهي(رپورٽر) جوهي ٻڌراج جي پڇڙي جي شاخن ۾ زرعي پاڻي نه پهتو ايريگيشن ايس ڊي او انجنيئر ۽ پاڻي چورن خلاف جوهي جي آبادگارن آڳواڻ منظور علي سولنگي، امام علي رستماڻي، غلام محمد جنگراڻي، شمن ڪوس، رفيق احمد جمالي، مبهر گاڏهي ۽ ٻين جي آڳواڻي ۾ زرعي جي حاصلات لاءِ شهيد مخدوم بلاول /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 32

ميرو خان ۾ بجلي بلن ۾ لڳل واڌو ٽيڪسز خلاف تاجر برادري جي سڏ تي شهري سراپا احتجاج

تاجر برادري جي احتجاج سبب روڊ بلاڪ مختلف شهرن ڏانهن ويندڙ ٽرئفڪ معطل، گاڏين جون قطارون، هزارين مسافر پريشان

ٻني معيار ۽ غلط پاليسين تحت ملڪ جي اشرافيه لاءِ بجلي مفت ۽ غريب عوام کان هزارين روپيا بل وصول ڪرڻ ناانصافي آهي : آڳواڻ

بنا در بجلي جي بلن ذريعي وصول ٽيندڙ ٽيڪسز کي ختم ڪري عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪندا سين

ميروخان(رپورٽر) ميروخان ۾ بجلي بلن ۾ لڳل واڌو ٽيڪسز خلاف تاجر برادري جي سڏ تي سوين شهري سراپا احتجاج، سخت نعريبازي بلن کي باهه ڏيڻ، بجلي جي بلن ۾ ڳڻاتي ٽوڙ واڌ خلاف شهر جي مين روڊ عرضي پٽو تي ٽيل احتجاج ۽ دڪاندارن ۽ سماجي ورڪرن جي شرڪت، تاجر برادري جي احتجاج سبب روڊ بلاڪ مختلف شهرن ڏانهن ويندڙ ٽرئفڪ معطل ڪاڏين جون قطارون/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 31

نئون ديرو ريسٽ هائوس ۾ ڪلي ڪچهري منعقد

ڪامورن 100 کان وڌيڪ ماڻهن جون شڪايتون ٻڌيون

شهرين کي بجلي بلن جي درستگي ڪري ڏني وئي

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) بجلي جي واڌو ڏڪشن بلن، اوور ريڊنگ سميت مختلف مسئلن جي ورڇ هيل عوام جي شڪايتن تي انهن کي رليف پهچائڻ لاءِ سي اي او سپيڪو سعيد احمد ڊاڻ جي هدايتن تي نئون ديرو ريسٽ /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 16

خانواهڻ : شهيد فاطمه قرڙو جي والدين کي ڏمڪيون ملڻ شروع

بااثر فون ڪري شهيد فاطمه قرڙو قتل ڪيس مان حنا شاهه جو نالو خارج ڪرائڻ جو چيو : وارث

ڏمڪيون ملي رهيون آهن، اسان ييرس ۽ لاچار آهيون اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح ٻوٽي) رائيپور جي پيراڻي حويلي، مان شهيد فاطمه قرڙو جي والدين کي ڏمڪيون ملڻ شروع ٿي ويون. ميديا سان ڳالهائيندي شهيد فاطمه قرڙو جي امڙ شبانا قرڙو رائيپور جي پيراڻي حويلي تي الزام مڙهيندي /بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 17

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 29 آگسٽ 2023ع

سنڌ، زراعت جي زبون حالي ۽ زراعت کاتو !!

حمت الله برڙو

سنڌ ڏرتي مالوند ماڻهن جي ڏرتي آهي ۽ مال اتي هوندو آهي جتي جي زمين زرخيز ۽ آباد هجي. ان نسبت سان جڏهن اسان سنڌ جي زراعت تي ڳالهائيندا سين تہ اسان کي سڀ کان اڳ ۾ ان ڳالہ کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ سنڌ جو جو ماڻهون گهٽائي ۽ ۾ زراعت تي پنهنجو جياپو رکيو ويندو آهي هاڻي جڏهن اسان جي ماڻهون ۽ جي صورتحال تڪليفده نڊر اچي رهي آهي تہ اسان کي پنهنجي بنياد سوال ڏانهن واپس وڃڻو ٿو پوي تہ آخر ائين چو پيو ٿئي تہ اسان جي ماڻهن ۽ مالوندن کان ويندي آبادگارن تائين هن جديد ٽيڪنالوجي جي دور ۾ زرعي لحاظ کان جيڪا صورتحال بهتر ٿيڻ کپي ها سا آخرڪار ڪٿنتي ۽ جو ڇو آهي؟! ان لاءِ سوڇيو سي تہ ڇونہ سنڌ جي تباہ حال زراعت تي لکجي. ان لاءِ سڀ کان پهريان سنڌ جي زراعت کاتي بابت مليل معلومات سامهون رکجي ٿي ۽ بعد ۾ سنڌ جي زراعت ۾ بجاءِ بهتري اچڻ جي تباهڪاريءَ تي پڻ اچون ٿا. سنڌ حڪومت ۾ هڪ کاتو سنڌ زراعت کاتو آهي جنهن جا تقريبن 8 کان 10 شعبا آهن جيڪي سنڌ جي زراعت کي بهتري طرف وڃي وڃڻ ۽ جديد تقاضائن جي هم آهنگي سان روشناس ڪرائيندي بهتري اڻڻ جا پابند آهن سنڌ جو زراعت کاتو ڪنهن تہ ڪنهن وزير موصوف ،صلاحڪار يا خود سنڌ جي وزيراعلي وٽ پڻ رهيو آهي ،جيئن هن وقت بہ سنڌ جي زراعت وارو کاتو نگران وزيراعلي سنڌ جستس باقر مقبول وٽ آهي جيستائين کو وزير يا صلاحڪار پڻ اچي انڪانهن ۽ هن کاتي کي هڪ صوبائي سيڪريٽري زراعت کاتو هجي ٿو جنهن جي ماتحتي ۾ 19 گريڊ کان 20 گريڊ جا مختلف شعبن جا آفيسر پڻ آهن جنهن ۾ نمبر هڪ ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع کاتو جيڪو گريڊ 20 جو پڻ هوندو آهي اهڙي طرح سان نمبر 2 تي آهي زرعي تحقيق وارو شعبو جنهن جو بہ پڻ ڊائريڪٽر جنرل ٿئي ٿو ۽ اهو بہ گريڊ 20 جو هوندو آهي هوڏانهن 3 نمبر تي هڪ شعبو واٽر مينيجمنٽ جو آهي جنهن کي بہ 20 گريڊ جو آفيسر ڊائريڪٽر جنرل جي حيثيت ۾ سنياليندي مقي رپورٽ پيش ڪندو آهي. اهڙي ٽي طريقي سان هڪ پيو شعبو 4 نمبر تي آهي ايگريڪلچر انجنيئرنگ جنهن جي ماتحت سنڌ ۾ موجود ورڪشاپ پڻ هوندا آهي ۽ هن شعبي کي بہ ساڳي گريڊ جو ڊي جي سنياليندڙ هوندو آهي. هونڊانهن نمبر 5 تي سنڌ سيڊ ڪارپوريشن پڻ آهي ۽ هن شعبي کي هڪ ايم ڊي سنياليندو آهي جيڪو پڻ 20 گريڊ جو هوندو آهي ۽ هن عهدي تي باهرين ڪاتن جا ڊي ايم جي گروپ يا ڪو پيو برابر گريڊ جو آفيسر بہ پڻ سنياليندو رهندو آهي. نمبر 6 تي هڪ شعبو ڪين ڪمشنر جو آهي جيڪو بہ پڻ گريڊ 20 جو آهي هتي بہ ڊي ايم جي گروپ جا آفيسر بہ ايندا رهن ٿا اهڙي ريت زرعي مارڪيٽنگ يعني ايگريڪلچر مارڪيٽنگ آهي هتي بہ هن شعبي کي سنياليندڙ ڊي جي ٿئي ٿو جيڪو بہ 20 گريڊ جو هوندو آهي ۽ زراعت کاتي مان ڪنيو ويندو آهي. ان کان علاوہ آخر ۾ 8 نمبر شعبو زرعي طور ماپ وارو شعبو بہ آهي جنهن جو سنياليندڙ ڊائريڪٽر جنرل ٿئي ٿو. اهڙي نموني هي سنڌ جو زراعت کاتو مڪمل ٽيندي اربين روپين جي بجيٽ ساڻ ڪم ڪري رهيو آهي جنهن جو خاص زميوار صوبائي سيڪريٽري ٿئي ٿو جنهن جي ماتحتي ۾ اهو کاتو انهن شعبن هجڻ ۽ انهن جي هيڏي وڏي گريڊ جي سربراهن هوندي سيڪريٽري زراعت کي جوابده آهي. ڏريعن کان مليل جاڻ موجب زراعت کاتي جي ڪجھ شعبن ۾ عالمي فورمن تان بہ فنڊنگ ٿئي ٿي ۽ وفاقي حڪومت بہ فنڊنز جاري ڪري ٿي تہ جيئن زراعت کي جديد بنيادن تي آراستہ ڪري زرعي سيڪٽر ۾ ترقي ڪجي جنهن ۾ واٽر مينيجمنٽ،اگريڪلچر ايڪسٽينشن ۽ ايگريڪلچر ريسرچ جا شعبا اچي وڃن ٿا جنهن ۾ اربين روپيا باهرين مالڪن ۽ مالياتي ادارن جي سهڪار سان اچن ٿا جنهن جي رپورٽ ڪاتي جي سيڪريٽري کي ڄاڻڻ ڏني ويندي آهي ۽ ايئن ڪاتي جو سربراہ سيڪريٽري پنهنجي وزير موصوف کي پراگريس رپورٽ ڏيڻ جو زميوار هوندو آهي ۽ پبلڪ آڏو جوابده هوندو آهي. هن وقت جي ايسان فقط سنڌ جيڪا پنهنجي حيثيت ۾ هڪ پرڳڻي جي حيثيت رکندي ۽ زراعت ۾ پاڻ پري هوندي باهرين ملڪن سان زرعي جنسن متاسٹا ڪندي زرعي بنيادن تي ڪاروبار ڪندي هئي سا هن وقت پاڪستان ٺهڻ بعد جڻ تہ زراعت کي ڪا جور لڳي وئي آهي جنهن سنڌ جي زراعت جو رت چوسي نهاڻ ڪيو پڇڙيو آهي ايسانجو ملڪ پيارو پاڪستان زرعي ملڪ هوندي هن وقت تائين پنهنجي زراعت واري شعبي ۾ جيڪا بہ ترقي ڪئي آهي تنهن ۾ سنڌ هن وقت تمام پوئتي آهي ۽ هن وقت زرعي فصلن جي جديد بنيادن تي جيڪا رکواليءَ سنڀال سرڪاري بنيادن تي ٿئي سا سنڌ ۾ ڪونہ پئي يقين نہ اچي تہ اوهان فصلن جي پوکائي وقت زرعي جنسن ،فصلن جي واڌ ويجھ لاءِ بهتر اپاءَ ورتا ويندا تہ تاريخ توهان کي بهتر لفظن ۾ ياد ڪندي.وڌيڪ سنڌ جي زرعي صورتحال جو ڌيارڻ تہ آڻندہ اهڙا واقعا نہ ٿيندا لاهور ۾ پريس ڪانفرنس دوران آءِ جي پنجاب چيف تہ جوانوالا سانحي ۾ 180 جڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، قرآن پاڪ جي توهين ڪندڙ بن پائرن سميت 5 جوابدارن کي 24 ڪلاڪن اندر گرفتار ڪيو ويوهوهن چيو تہ مسجد جا پيش امام ۽ اذان ڏيندڙ ڪنهن کي بہ لائوڊ اسپيڪر استعمال ڪرڻ جي اجازت نہ ڏين. سانحي ڪانپو، مسلمانن مسيحي پائرن کي عبادت لاءِ پنهنجي مسجد ڏنيآءِ جي وضاحت ڪئي تہ جوانوالا سانحي دوران کو بہ جاني نقصان يا عورتن سان لچالت جو واقعو پيش نہ آيو. پارٽي ميڊيا ۽ جوانوالا سانحي بابت ڪوڙي پروپيگنڈا ڪئي وئي

09 بقايا ***

ايدلا جيل مان آزاد ڪيو ويو هو ايمان مزاري جي ايدلا جيل مان آزاد ٿيڻ وقت اسلام آباد پوليس جيل جي باهران موجود هئي جتي پوليس کيس پيهر گرفتار ڪري ورتو آهي.اسلام آباد پوليس طرفان فوري طور تي ايمان مزاري جي گرفتاري جو ڪوبہ سبب نہ ٻڌايو ويو آهي. جيل کان باهر ايندي ئي اسلام آباد پوليس کيس ڪٿي روانو ٿي وئي.ان حوالي سان ڊريمن ٻڌايو آهي تہ ايمان مزاري جي باره ڪهو ٿائي ۾ داخل ڪيل ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. ايمان مزاري کي گذريل هفتي عدالت ترنول ٿاڻي ۾ داخل ڪيس ۾ ضمانت ڏني هئي. جنهن کان پوءِ ڪيس اڄ سومر تي بغاوت جي ڪيس ۾ بہ ضمانت ملي هئي جنهن کان پوءِ سندس آزادي عمل ۾ آڻي

10 بقايا ***

ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. اٽارني جنرل چيف جسٽس آف پاڪستان عمر عطا بندیال جي چيمبر ۾ مهر لڳل رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي. ڊريمن موجب جسٽس مظاهر ۽ جسٽس مندرخيل جي چيمبرز ۾ بہ پي ٽي آءِ چيئرمين کي جيل ۾ ڊنل سهوليتن بابت رپورٽ جمع ڪرائي وئي آهي. سپريم ڪورٽ 24 آگسٽ تي پي ٽي آءِ چيئرمين کي جيل ۾ سهوليتن بابت رپورٽ جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو هو ان کان اڳ ساهمون ايندڙ خبرن ۾ ٻڌايو ويو هو تہ عمران خان کي جيل ۾ 1_2 بيرڪ تبديل ڪري هاڻ بيرڪ نمبر 3 الات ڪئي وئي آهي جڏهن تہ کيس جيل مينوئل کان هٽي ڪري ڪاڏو ملڻ لڳو آهي. صبح سوير پي ٽي آءِ چيئرمين کي بيرڪ مان نڪري جيل احاطي ۾ واڪ جي بہ اجازت آهي. ڊريمن ٻڌايو تہ عمران خان کي جيل مينوئل کان هٽي ڪري ساوا 11 وڳي ناشتو ملڻ لڳو آهي ۽ ڪيس روزاني جي بنياد تي فروٽ بہ ڏنو پيو وڃي. 22 آگسٽ تي جيل کانپو جي ترجمان واضح ڪيو هو تہ عمران خان کي جيل قانون موجب سموريون سهولتون ڏنيون ويون آهن جنهن ۾ ٽن باٿ روم بہ ٺهرايو ويو آهي جنهن جون پتون 5 فٽ ڊگهيون آهن ايڊيشل سيشن جج جي اٽڪ جيل جي دوري واري رپورٽ تي رد عمل ڏيندي جيل ڪاتي جي ترجمان چيو تہ بي بي آءِ چيئرمين جي خان کي جيل مينوئل جو هڪ ڪاڏو ملڻ لڳو آهي. صبح سوير پي ٽي آءِ چيئرمين کي بيرڪ نمبر 3 الات ڪئي وئي آهي جڏهن تہ ڪيس جيل مينوئل کان هٽي ڪري ڪاڏو ملڻ لڳو آهي. صبح سوير پي ٽي آءِ چيئرمين کي بيرڪ مان نڪري جيل احاطي ۾ واڪ جي بہ اجازت آهي. ڊريمن ٻڌايو تہ عمران خان کي جيل مينوئل کان هٽي ڪري ساوا 11 وڳي ناشتو ملڻ لڳو آهي ۽ ڪيس روزاني جي بنياد تي فروٽ بہ ڏنو پيو وڃي. 22 آگسٽ تي جيل کانپو جي ترجمان واضح ڪيو هو تہ عمران خان کي جيل قانون موجب سموريون سهولتون ڏنيون ويون آهن جنهن ۾ ٽن باٿ روم بہ ٺهرايو ويو آهي جنهن جون پتون 5 فٽ ڊگهيون آهن ايڊيشل سيشن جج جي اٽڪ جيل جي دوري واري رپورٽ تي رد عمل ڏيندي جيل ڪاتي جي ترجمان چيو تہ بي بي آءِ چيئرمين جي ڪوبہ سبب نہ ٻڌايو ويو آهي جيل کان باهر ايندي ئي اسلام آباد پوليس کيس ڪٿي روانو ٿي وئي.ان حوالي سان ڊريمن ٻڌايو آهي تہ ايمان مزاري جي باره ڪهو ٿائي ۾ داخل ڪيل ڪيس ۾ ضمانت ڏني هئي. جنهن کان پوءِ ڪيس اڄ سومر تي بغاوت جي ڪيس ۾ بہ ضمانت ملي هئي جنهن کان پوءِ سندس آزادي عمل ۾ آڻي وئي

11 بقايا ***

سگهہ نڏورکي، نگران حڪومت فوري طور تي بجلي جي اڻهن ۾ 15 کان 20 روپيا لات ڪري. پنهنجي بيان ۾ امتياز شيخ چيو تہ بجلي اڻهن ۾ تمام گهڻي واڌ تي عوامي احتجاج ڏٺتي جوڳو آهي. ڪهريلو واهپيدارن لاءِ رليف جي حد 200 يونٽن مان وڌائي 300 يونٽ ڪئي وڃي. جڏهن تہ آفيسر شاهي ۽ سرڪاري ملازمن جي مفت بجلي جي سهولت ختم ڪئي وڃي. هن چيو تہ عام بجلي جا مهانگا بل پرڻ ۽ آءِ ايم ايف معاهدي جو وڌيڪ بار کٽڻ ٿيون تہ ان جا سنگين نتيجا سامهون اچي سگهن ٿا. هڪ سنوارتي ڊريمي ٻڌايو آهي تہ جيڪڏهن پاڪستان ۾ چونڊون فيبروري کان ٻه جوگهہ شڪار ٿيون تہ ان جا سنگين نتيجا سامهون اچي سگهن ٿا. هڪ سنوارتي ڊريمي ٻڌايو آهي تہ جيڪڏهن جنهن جي باهر آءُ اوان سخت مخالفت ڪئي. عدالت ڏرين تہ دليل ٻڌڻ کان پوءِ شاهد محمود جي وڪيل جسماني ريمانڊ جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪجھ ڏينهن تائين ڪيس ٻڌائيندي ايف آءِ اي جي استدعا منظور ڪري ورتي. عدالت شاهد محمود جو ٻن ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪري ورتو.پي ٽي آءِ وائيس چيئرمين 26 آگسٽ تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ سائفر ڪيس ۾ جسماني ريمانڊ خلاف درخواست داخل ڪئي هئي. درخواست ۾ جسماني ريمانڊ جي 3 حڪمنامن کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪندي موقف اختيار ڪيو ويو تہ سياسي انتقام جو نشانو بنائڻ جي لاءِ آفيشل سيڪرٽ ايڪٽ جي تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

07 بقايا ***

۽ چوندن جي حوالي سان اڳيرائي تي گهري نظر رکي آهي. اهي ملڪ هميشہ جمهوريت جي وڪالت ڪندا رهيا آهن ۽ سمجهن ٿا تہ چوندون ڪرائڻ ڪنهن بہ ترقي پسند جمهوري معاشري جو نچوڙ آهي. يورپي ملڪن ۾ اهي امڪان ظاهر ڪيا پيا وڃن تہ پاڪستان ۾ چوندن ۾ دير ٿي سگهي ٿي جنهن سبب موجوده نگران سيٽ اپ مقرر وقت کان اڳيان وڃي سگهي ٿو. سفارتي ڊريمن ٻڌايو آهي تہ تڪ بندين ۽ ڪجھ ٽيڪنڪي معاملن سبب ڪجھ مهينن جي دير برداشت ڪري سگهجي ٿي پر جيڪڏهن چوندن فيبروري کان ٻه دير جو شڪار ٿيون تہ ان جا سنگين نتيجا سامهون اچي سگهن ٿا. هڪ سنوارتي ڊريمي ٻڌايو آهي تہ جيڪڏهن پاڪستان ۾ چوندن فيبروري کان اڳيان دير جو شڪار ٿيون تہ اسان جي لاءِ پاڪستان سان بطرفن لاڳاپن جي ساڳئي سطح برقرار رکڻ انتهائي مشڪل ٿي ويندو.

08 بقايا ***

ٿا. سازش تحت مسلمانن کي مسيحي پائرن سان ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جڙانوالا سانحي ۾ ملوث 3 مک جوابدارن سميت 180 ڄڻا گرفتار ڪيا ويا آهن. قرآن پاڪ جي توهين ڪرائيندڙن جو نيٽ ورڪ ٽوڙيو ويو آهي. يقين

وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو تہ ملڪ ۾ پاهرين سرمائيڪاري سان معاشي حالتن کي بهتر بنائي سگهجي ٿو. سرمائيڪاري لاءِ سازگار ماحول ۽ سهولتون ڏيڻ حڪومت جي ذميواري آهي. پهريون پيرو آهي تہ ملڪي معيشت جي لاءِ هڪ ويزن نظر اچي رهيو آهي.

06 بقايا ***

محمود قريشي کي وڌيڪ 2 ڏينهن جي لاءِ جسماني ريمانڊ تي ايف آءِ اي جي حوالي ڪري ڇڏيو نيب طرفان اسپيشل پراسيڪيوٽر ذوالفقار نقوي عدالت ۾ پيش ٿيو.جڏهن تہ شاهد محمود جي طرفان بابر اعوان ۽ شعيب شاهين پيش ٿيا. ان موقعي تي عدالت جي باهران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا ۽ غير لاڳاپيل ماڻهن کي عدالت جي ڪمري مان باهر ڪڍيو ويو.عدالت پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو تہ ڪيس ۾ اڳياڻي نہ ٿي تہ وڌيڪ جسماني ريمانڊ نہ ڏنو ويندو. ايف آءِ اي سائفر ڪيس ۾ شاهد محمود قريشي کان جاچ ڪري رهي آهي. پٽڻي دوران ايف آءِ اي شاهد محمود قريشي جو وڌيڪ جسماني ريمانڊ گهريو جنهن تي وڪيل صفائي بابر اعوان جسماني ريمانڊ جي مخالفت ڪئي ۽ پنهنجي دليلن ۾ مختلف اعليٰ عدليہ جي فيصلن جو حوالو ڏيندي چيو تہ شاهد محمود جو سائفر ڪيس سان ڪوہ تعلق نہ آهي آرٽيڪل 90 ۽ 91 جي تحت ان جو سائفر سان ڪو بہ تعلق نہ آهي. آن دوران اسپيشل پراسيڪيوٹر شاهد محمود جو موبائل هٽ ڪرڻ جو لاءِ وڌيڪ 5 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي جنهن جي بابر اعوان سخت مخالفت ڪئي. عدالت ڏرين تہ دليل ٻڌڻ کان پوءِ شاهد محمود جي وڌيڪ جسماني ريمانڊ تي فيصلو محفوظ ڪجھ ڏينهن تائين ڪيس ٻڌائيندو. لاهور ۾ ڪينال روڊ تي بہ ٽي ايم ايف جي عهديدارن سان گفتگو ۾ مريم نواز چيو تہ ن ليگ گذريل 16 مهينن ۾ پاڪستان کي ڏيواليہ ڪڍڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي. هن نواز شريف کي ڏيواليہ ڪڍڻ جو ذميوار ٺهرايو. هن چيو تہ نواز شريف ۽ سندس خاندان ڏيواليہ ڪڍڻ جو ذميوار آهن. هن چيو تہ نواز شريف ۽ سندس خاندان جي ڪري ملڪ ڏيواليہ ٿيو

بقايا سنڌيار 01

مٿان تيز رفتار ويگو ڇڪي وئي جنهن جي نتيجي ۾ گوٺ ڇوهدري غني جو رهواسي موٽر سائيڪل سوار 12 ورهين جو حشر ٻاجوا موقعي تي فوت ٿي ويو ڇڏهن ته سندس والد جنيد ٻاجوا ۽ پاڻ پولو ٻاجوا سخت زخمي ٿي پيا لاش ۽ زخمين کي نندو هيلٿ سينٽر تي آندو ويو جتي ضروري کارروائي کانپوءِ لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو ڇڏهن ته زخمين کي علاج لاءِ داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ويگو گاڏي ۾ سوار نامعلوم ماڻهو واقعي کان پوءِ فرار ٿي ويا فوتي ٽينگر کي سوين آلين اڪين سان ڳوٺ جوهدري غني لڳ بدين ۾ مٽي ماڻ جي حوالي ڪيو ويو نندو شهر پوليس واقعي جي رپورٽ داخل ڪري وڌيڪ جانچ ڪري رهي آهي

بقايا سنڌيار 02

انهن جي تحفظ ۾ رڌل رهيون آهن. اهڙو اظهار سماج سڌارڪ ضيا پٽي سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر جي هفتيواري دستوري گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. ان موقعي تي برڪ نقاد سجل پٽي دلبر پٽي اسد اعوان مجيد نواز مغل ۽ عبدالرحمان گدائيءَ برڪ کهاڙيڪار پروفيسر منظور بيدار جي لکيل کهاڻي تي تنقيدي رايا ڏيندي چيو ته پروفيسر منظور بيدار سنڌي هولي ءِ جو مڇيل کهاڻيڪار آهي. سندس هر کهاڻي ۾ واضح سبق ملي ٿو ۽ هونج سنڌي هولي ءِ جو استعمال ڪري عام فهم انداز ۾ پنهنجو مثبت موقف بيان ڪري ٿو. سندس آجرڪي کهاڻي حويلين جا پول پڌرا ڪري پئي، هن کهاڻي ذريعي واضح طور ترقي پسنداڻي سوچ جو اظهار ڪندي هڪ شفاف ۽ انسانيت پرڀ معاشري جي قيام جو آڏيو ڏنو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته سنڌي اديب پنهنجن فرضن کان غافل ناهي هو سنڌي عوام جي مسلن کان پاڻ ڪي لاتعلق نٿو سمجهي. گڏجاڻيءَ ۾ ڪهراءِ پاس ڪري معصوم نينگري فاطما سان جنسي زيادتي بعد ڪيس قتل ڪرڻ ۽ برڪ صحافي جان محمد مهرجي قتل تي ڏک ظاهر ڪري وارثن سان تعزيت ڪئي وئي. سکر جي قديمي سنڌي ميڊيم اسڪول گورنمينٽ هاءِ اسڪول ون کي واپس سنڌي ميڊيم ڪرڻ واري حڪر نامي تي اسڪول جي هيڊ ماسٽر ياران عمل نه ڪرڻ جي مذمت ڪئي وئي، سڊيرجي غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج ڪي ميڊيڪل يونيورسٽي جو درجو ڏيڻ ۽ تازو ڪنب ۾ 8 سالن جي نينگري زهرا سيال سان جنسي زيادتي جي مذمت ڪندي واقعي جي شفاف جاچ ڪرائڻ جي گهر ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 03

جو ڇوڻ هو ته نندڙي فاطمه کي تيز بخار ٿي پيو جنهن جي علاج لاءِ ڪيس پاڙي جي ڊاڪٽر هدايت الله ميمڻ ڏانهن ڪٽي وياسين جتي ڊاڪٽر نندڙي پٽني فاطمه کي انجيڪشنون لڳايون جنهن ڪانپو سندس جسر ته گاڏها نشان الرجي جا ظاهر ٿيا ۽ طبيعت بگڙندي وئي جنهن بعد ڊاڪٽر اسان کي لاڙڪاڻي ڊاڪٽر سيف الله جامڙو ڏانهن موڪليو جيڪو ته هڏ ٽي اسان نندڙي کي شيخ زيد چلدرن اسپتال ڪٽي وياسين جتي سندس مختلف ٽيسٽون ڪرايون ويون. هن الزام هٽندي چيو ته اسان جي معصوم ٻارڙي ڊاڪٽر هدايت الله جي ڪوتاهي سبب فوت ٿي آهي جنهن خلاف ڪاروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي. ٻئي طرف الزام هيٺ ايل ڊاڪٽر هدايت الله ميمڻ ڇوڻ هو ته منهنجي مٿان غفلت جا الزام اڃايا آهن چاڪاڻ ته ڪير به ڊاڪٽر نه ڇاهيندو ته ان جو مريض موت جو ڪاڇ ٻڌي. نندڙي فاطمه کي شديد قسر جي ملريا هٿي جنهن کي مون وٽ علاج لاءِ آندو ويو جتي مون نندڙي کي ٻڌيون پٽيون رکرائي ڊيڊ ڪلاڪ ٽائين ٽيمپريچر نارمل ڪرايو جنهن بعد ڪيس علاج ڏنو ته جيئن نندڙي جي رکوري ٿي سگهي. ملريا سبب نندڙي کي ڳاڙها ڏاڪ ظاهر ٿيا ۽ جهٽڪا به لڳي رهيا هٿا جنهن ٿي مون وارثن کي وڌيڪ علاج لاءِ لاڙڪاڻي ريفر ڪري موڪلڻ جتي نينگري اسپتال ۾ فوت ٿي آهي. وارثن جا منهنجي مٿان ڪوتاهي جا الزام بي بنياد آهن

بقايا سنڌيار 04

مهر، ڊسٽرڪٽ بار جي صدر ايياز مري، سينيئر وڪيل اشفاق احمد ٽڪر، اڇوٽو صدر رحيم عباسي، تعلقي ڪنڊيارو جي صدر ملير خان مگريو، اڇوٽي تعلقي ناظم سيد امير علي شاهه سميت وڪيلن جي هڪ وڏي اڻگ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي صوبائي وزير محمد عمر سومرو ميڊيا سان گالهائيندي چيو ته ضلعي جي مختلف بار ڪلب تاپ ۽ انٽرنيٽ ڪنيڪشن ۽ پي ايل ڊي ڪنيڪشن ڏيڻ جو اعلان ڪيو ڪراچي بار ۽ ملير بار واڻگر نوشهروفيروز بار کي ساڌا نو ايڪڙ مين وڪيلن جي رهائشي ڪالونيءَ لاءِ ڏياري ويندي هن چيو ته شهيد فاطمه فرزو جي جوڊيشل ڪمپليڪس جو نالو شهيد فاطمه فرزو جي ڪوٽ ۽ شهيد صحافي جان محمد مهر جا جوابدار ڪچي ۽ فرارٽيل آهن جن لاءِ سي ايم سان گالهه ٿي آهي ڪچي ۽ آپريشن ٽيٺ ضروري آهي، ان کان اڳ پنڊال کي خطاب دوران صوبائي وزير چيو ته سپ ڪو اهو سمجهي ٿو ته آسان تن مهينن لاءِ نه آيا آهيون اهي ڇهه مهينا به ٿي سگهن ٿا ۽ اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي ته جيئن ڪو به ڊاڪٽر يا ڪو به ڪنهن ڪلهوڙو ٻڌايو ته ڪنهن ملڪ جي ڪل آراضي جو 35 سيڪڙو ٻيلا هجڻ ضروري آهي ، برسات جي پوڻ ڇوڙو ڏريعو زمين ٿي ساوڪ يا ٻيلا هجڻ آهي، بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ 5.6 سيڪڙو ٻيلا موجود آهن جنهن ڪري ماحولياتي آلودگي وڌي آهي ۽ زير زمين پاڻي جا وهڪرا گهٽ ٿي ويا آهن. گذريل 30 سالن کان RBOD۽ LBOD جي مڪمل نه ٽيئ ڪري ۽ مالي گوٽالين جي ورڇوهڙ ڪري منچر جيڪا ايشيا جي ملي پاڻي جي وڏي ڍنڍ آهي اڄ زهريلي مادن سان پريل وئي آهي، پروفيسر عرفان کلهوڙي سنڌ حڪومت کان گهر ڪئي ته جلدي سنڌ ۾ نوان ٻيلا هنيا وڃن ۽ جن ماڻهن ٻيلا ڪٽائي قبضا ڪيا آهن انهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي. جڏهن ته ڪيمياڻي پاڻي ۽ گندي پاڻي جي نيڪالي لاءِ به جارئي صوبا گڏجي ڪم ڪن.

بقايا سنڌيار 05

انجي باوجود به سرعام منشيات هلائي رهيو آهي منشيات سبب نوجوان نسل تباهه ۽ برباد ٿي رهيو آهي مان منشيات خلاف آواز بلند ڪيو ته بااثر شخص منهنجي اڃ وڃڻ جي گهٽي به بند ڪري ڇڏي آهي هن وڏيڪ ڇيو ته مان ڪافي درخواستو منشيات خلاف پوليس کي ڏنيون آهن مگر هن مهل تائين پوليس ڪجه به نه ڪيو آهي هن ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي آءِ جي سکر ڪان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي ايڪشن وٺي گوٺ حاڪم رتڙ مان منشيات جو آزار ختم ڪري نوجوان نسل کي تباهه ۽ برباد ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا سنڌيار 06

جي ڪوٽ ۽ مبينا ڪريشن خلاف ايس پو پي ڪارڪنن تحريڪ جي ٻئي مرحلي ۾ وزير اعليٰ سنڌ، چيف سيڪريٽري سنڌ، سيڪريٽري هيلٿ، ڊي جي هيلٿ حيدرآباد ڊي ايڇ او جامشورو محتسب اعليٰ انساني حقن جي تنظيمن کي لکت ۾ ياداشتنامون پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ايس پو پي تعلقه صدر علي نواز ڪنير بشير احمد ميمڻ گلشير ڪوسو لياقت ملاح ۽ ٻين گڏجاڻي بعد ميڊيا کي ٻڌايو ته آسپتال ۾ ڊاڪٽرن اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن ليڊي ڊاڪٽرن جي ڪوٽ آهي گائني وارڊ ايمرجنسي وارڊ اڪين جي وارڊن ۾ ڪوبه فزيجر ۽ عملو مقرر ناهي ڪيو ويو الٽرا ساونڊ ايڪسري ۽ ڪيميسٽري ٽيسٽن جي ڪابه سهولت ميسر ناهي دواڻن نقلي ڪمپنين کان خريد ڪري لکين روپيا ڪمپني ناهي وڃي ٽي اڃ ڪاڻ ڏريعي ڪوڙا بل ناهي وڃي ڪريشن ڪئي پئي وڃي گڏجاڻي وڏي عرصي کان مقرر اڪائونٽنٽ ٻاڻ هٽڻ سبب ايم ايس ۽ ڊاڪٽرن پي وس رهن ٿا فوري طور سنڌس خلاف انڪوائري ويهاري وڃي

بقايا سنڌيار 07

پڙهندي سنڌ.... ته وڏندي سنڌ.... جا نارا هٽيا ويا. ريلي ۾ مردن، عورتن ۽ اسڪول جي بارن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، ايس آءِ ايف اداري جي طرفان راجيش ڪمار ڪيسائي ۽ ميڊم سمرين پڻ شرڪت ڪئي. سمرين جيو ته آسان راجوڙو بوسي جي گورنمينٽ جي پرائمري اسڪولن ۾ تعليم ته ڪر ڪري رهيا آهيون، ايس آءِ ايف پنهنجي وس آهر تعليم جي بهتري لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي ٽوهان والدين کي گذارش آهي ته پنهنجي نياڻيون کي تعليم ڏيارين انهي جو مستقبل برباد نه ڪيو آسان گورنمينٽ جي اسڪولن ۾ واڌاروم، ٻارن جي لاءِ پولو ٻاجوا سخت زخمي ٿي پيا لاش ۽ زخمين کي نندو هيلٿ سينٽر تي آندو ويو جتي ڊاڪٽر ڊيوٽي تي موجود هئا جن وڌيڪ چيو ته زخمين کي علاج لاءِ داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ويگو گاڏي ۾ سوار نامعلوم ماڻهو واقعي کان فرار ٿي ويا فوتي ٽينگر کي سوين آلين اڪين سان گڙٻ جوهدري غني لڳ بدين ۾ مٽي ماڻ جي حوالي ڪيو ويو جڏهن ته زخمين کي علاج لاءِ داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ويگو گاڏي ۾ سوار نامعلوم ماڻهو واقعي کان فرار ٿي ويا فوتي ٽينگر کي سوين آلين اڪين سان گڙٻ جوهدري غني لڳ بدين ۾ مٽي ماڻ جي حوالي ڪيو ويو آهي